**ڊاڪٽر الله وسايو سومرو**
سنڌي شعبو شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور

# تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ سجاڳيءَ جو فلسفو

# THE PHILOSPHY OF AWARENESS IN THE POETRY OF TANVEER ABBASI (1934 – 1999)

**Abstract**

The poets are the true lovers of humanity. They try to see this world as paradise, for this purpose they propose the country people in order to do good deeds and to have good deeds. They compose their poetry on the subjects of the problems/affairs of the common people also their solutions. They try to make the people honest, loyal, lover to mankind, to be sincere their job and duty, patriot etc. they also describes the beautiful natural scenes of their country. In the list of these poets , the name of sindhi poet Tanveer Abbasi comes in first row. He was a true lover of people. He also tried to aware the people as they can become develop and more civilized. In the light of his poetry the philosophy of awareness is analyzed.

سنڌي ٻوليءَ جو پلوڙهه ناليوارو شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي جنهن جو اصل نالو نور نبي عباسي هو. جو جنم خيرپور ضلعي جي ڳوٺ سوڀوديرو ۾ ڊسمبر جي ستين تاريخ تي 1934ع ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو گل حسن عباسي هو جيڪو ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. تنوير عباسي جا ابا ڏاڏا سونارڪي ڪرت ۽ ڌنڌي سان لاڳاپيل هئا. پاڻ پنهنجي تعليم مختلف ماڳن تان حاصل ڪيائين.

تنوير عباسي پنهنجي تعليم جو آغار پنهنجي اباڻي ڳوٺ سوڀوديرو کان ڪيائون ۽ ان کان پوءِ نوشهرو فيروز. ڪراچيءَ ۾ هيرانند اڪيڊمي ۽ تنهن بعد اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو مئٽرڪ ۽ انٽر جي تعليم پوري ڪرڻ بعد

لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتائون. جتان 1960ع ۾ ايم بي بي ايس پاس ڪري ميڊيڪل ڊاڪٽر جي حيثيت سان پنهنجي خدمت جو آغاز ڪيائون. ٻه شاديون ڪيائون ۽ انهن مان ڪيس اولاد ٿيو.

پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اسلام آباد منتقل ٿي ويا. جتي 25 ۽ 26 نومبر جي وچوڙي 1999ع ۾ پنهنجو آخري پساهه پوروڪندي دم، ڌڻي در حوالي ڪيائون. اُتي ئي ڪيس دفنايو ويو.

تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ جي شروعات 1950ع کان ڪئي، شاعريءَ جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪيائون. سندس شمار جديد سنڌي شاعري جي اعليٰ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. شاعري کان علاوه نثر ۾ سنوڪم ڪيائون. ان کان علاوه پاڻ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ جا تمام سٺا پارکو هئا. اهڙي طرح شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ٽن جلدن ۾ ڪتاب لکي ، شاهه لطيف جي شاعريءَ کي هڪ نئين رخ ۽ لاڙي ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائون. سچل سرمست جي شاعريءَ تي ٻه گهڻا ئي مقالا لکيائون. سنڌ جي ٻن نالي واري باڪمال صوفي شاعرن خوش خير محمد هيسباڻي ۽ نانڪ يوسف جي ڪلام کي سهيڙي منظر عام تي آندائون.

تنوير عباسي مختلف ادبي تنظيمن سان وابسطا رهيا. انهن ادبي تنظيمن مان سنڌي ادبي سنگت اهم آهي. سچل چيئر باني ميمبر ٻه رهيو سچل يادگار ڪاميٽي جو ميمبر ٻه رهيو سندس اهڙين علمي ۽ ادبي خدمتن عيوض ڪيترن ئي اعزازن ۽ ايوارڊس سان ڪيس نوازيو ويو.

> " ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو فن زندگي جو ترجمان آهي. ڪيس نفيس ۽ لطيف پهلوئن کي مناج پري ٻولي ۾ پيش ڪرڻ تي دسترس حاصل آهي. پنهنجي فن ۽ شاعريءَ جي هر صنف کي بهتر کان بهتر طور پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن فني تجربا ڪيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو سندس شمار سنڌي جديد شاعريءَ جي صف اول جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو."(1)

تنوير عباسي جو نرم ۽ نازڪ منڙو لهجو ۽ موسيقيت سان مالا مال دل ليائيندڙ جذبا ۽ خوبيون سندس شاعريءَ کي پُرڪشش ۽ خوبصورت بڻائين ٿيون. تنوير عباسي شروعات ۾ فارسي ۽ ايراني لب و لهجي کان متاثر هو. "

1950ع کان 1954ع تائين روايتي فارسي زده ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي.”(2) پر جلد ئي غزل جو فارسي وارو ڪلاسيڪي رنگ، لب و لهجو ۽ ماحول مٽائي ان کي مقامي سنڌي ماحول ۽ اسلوب ڏنو ويو. هن سنڌ جي ماحول جي رونمائي ڪندي سنڌ جي تهذيب و تمدن، روايتن رسمن، طور طريقن، آثارن ۽ لوڪ ادب ۽ سنڌي قومي ورثي کي پنهنجي شاعري اندر آندو. هتان جا محاورا ۽ اصطلاح ڪنيائون، هتان جون مڪاني تشبيهون ۽ استعارا استعمال ۾ آندائون، مطلب ته سنڌ ۽ سنڌي ماحول کي خوب طرح پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻايائون.

“ سندس شاعريءَ جي اهم خوبي اها آهي ته ان ۾ نفاست، ميناج، رواني ۽ سادگي آهي، ان ۾ ڪو به هٺرادو شاعراڻو لهجو نه آهي، پڙهڻ توري ٻڌڻ واري ماڻهو جي دل تي اثر ٿئي ٿو ته واقعي شاعر جي لفظن ۾ پنهنجي دل جو ڏڙڪو محسوس ڪري رهيو آهي.”(3)

تنوير عباسي جي شاعري جا مختلف موضوع انفرادي نه بلڪه اجتماعي آهن، جنهن ۾ تصوف، حب الوطني، باهمي پيار ۽ همٿ ڏ، انساني قوت اخوت ۽ عام پائيپي، عام انسانيت جي خير خواهي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. تنوير عباسي جي شاعري اُتساهيندڙ جاڳائيندڙ ۽ رهنما به آهي، هو نوجوانن کي گهڻو اُتساهي ٿو. هن سلسلي ۾ حزب الله سومرو لکي ٿو ته : “ ڊاڪٽر تنوير عباسي ننڍين ليکڪن ۽ شاعرن جي همٿ افزائي ڪندو هو ان ڪري نئين ٿهي وارا به ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏيندا هئا.”(4)

تنوير عباسي هڪ هڏ ڏوڪي انسان هو انسانن سان پيار ڪرڻ وارو پلوڙ انسان هو سنڌ ۽ سنڌين جو سچو ساٿي هو. هو هر وقت سنڌين جي همٿ افزائي ڪندو هو هر وقت ۽ هر تڪليف ۾ انهن جو معاون رهندو هو. ون يونٽ توڙي مارشلا جي ڏينهن ۾ سنڌي ماڻهن مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ جبر ۽ نا انصافين خلاف آواز اٿاريندو، سنڌ جي اذيتن ۽ مصيبتن ۽ ڏکن جي ڀهاڙن کي هٽائڻ لاءِ سدائين ڪوشان رهندو هو. هو هڪ مثالي ۽ سچو محب وطن به هو جيل جي ياترا به ڪيائون.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته : “ تنوير پنهنجي سنڌي قوم جو عظيم رهبر ۽ رهنما بڻجي، انهن ۾ اتساهه پيدا ڪيو ڪين صحيح راهه ڏيکاري، هن پنهنجي قلم، پنهنجي شاعري ذريعي پنهنجي قوم جي ماڻهن کي غفلت،

ڪاهلي، ڊپ ۽ خوف، اونده، انڌوڪار مان ڪڍي انهن لاءِ نيون راهون ۽ نوان رستا گهڙيا، نوان ڏس ۽ پنڌ تلاش ڪيا، انهن جو حوصلو بلند ڪندو رهيو، منجهن نئون جذبو ۽ نيون امنگون پيدا ڪندو رهيو.”(5)

تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌي قوم کي اتساهي ۽ سجاڳ ڪري ٿو. هو سندن حقن جي حاصلات لاءِ ڪين همت ۽ حوصلو ڏياري ٿو، پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ جدوجهد کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏئي ٿو. سندس انيڪ خوبين سان ڀريل آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق لکي ٿو ته :

> “ تنوير جي شاعري سچ پچ سندس دور جي تاريخ آهي، آئينده جي مؤرخ جڏهن سنڌ جي تاريخ لکندو ته تنوير جو ڪلام ڪيس ضرور آڏو رکڻو پوندو.”(6)

تنوير عباسي کي هيءُ جهان ڇڏيئي اٽويهه سال ٿي ويا آهن جيڪڏهن اڄ جو محقق قلم ۽ ڪاغذ کڻي ٿو ته واقعي ان کي تنوير جي ڪلام کان گذرڻو پئي ٿو. هونئن ماضي تاريخ جو حصو آهي، تنوير جسماني موجود ناهي پر تاريخ جي ڪتابن ۾ زنده جاويد آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته : “ تنوير عباسي پنهنجي مخصوص، سپڪ ۽ نرم لهجي جي ڪري مشهور آهي. غزل، نظم، گيت، دوها، بيت، وايون ۽ هائڪا هن نرم لهجي ذريعي سنڌي زبان کي ڏنا........ پيار جي دنيا ته وسيع آهي هڪڙو شاعر ان پيار ذريعي ئي هر انسان کي موتي داڻو چاڻي ٿو.”(7)

تنوير عباسي جي شاعري نوجوانن کي سجاڳ بڻائي ٿي، منجهس همت ۽ حوصلو پيدا ڪي اڳتي وڌڻ جي راه نروار ڪري ٿي. جدوجهد ۽ محنت ڪرڻ لاءِ اپاري ٿي، سندس شاعري سُتي جونه پر چُستي جو سبق پيش ڪري ٿي. سندس شاعري کي بغور پڙهيو وڃي ته وڌ کان وڌ سندس شاعري جو موضوع سُجاڳي ۽ پاڻ پتوڙڻ جو ملندو. هُو ننڊ ۾ سُتل نوجوان کي جاڳائي ٿو ته :

رات ڪٽي اڳ رات ڪٽي،
باک ڦٽي او باک ڦٽي،
چمڪيو آهي وهائو تارو،
جاڳو يارو جاڳو يارو،
منهنجا يارو جاڳو.

آيو نور تہ ويو انڌارو،
چمڪيو آهي وهائو تارو،
جاڳو يارو جاڳو يارو،
اونداهين سان جڳيون جوتي،
راتاهين جون پاڙون ڪوتي،
ڏينهن ڏسڻ جي آس ۾ رهندي،
ماڪ پسڻ پياسن ۾ رهندي،
مون تہ ڪيو اوجاڳو،
منهنجا يارو جاڳو
اچو اوهان ڪي ڏيان سهارو،
چمڪيو آهي وهائو تارو،
جاڳو يارو جاڳو يارو.(8)

تنوير عباسي جوت جلائڻ ۽ لاٽ ٻارڻ جي ڳالھ ٿو ڪري، ڇُست تہ هونئن بہ تڪڙو هوندو آهي، پر تنوير عباسي سست کي بہ سندس سُستي مان بيدار ٿو ڪري، جيڪڏهن هو جوت جلائڻ جي سگھ نہ ٿو رکي تڏهن بہ پاڻ سان گڏ ان جوت جي چڻنگ ضرور رکي، جيئن :

جوت جلندي رهي،
لاٽ ٻرندي رهي.
جي نہ ٿا مچ مچائي سگھو دوستو
چڻنگ چولي ۾ پنهنجي لڪائي هلو
روشني زندگي آ اها زندگي،
ڪنهن امانت جان دل سان لڳائي هلو.(9)

تنوير عباسي وٽ شاعري اندر هڪ عزم ملي ٿو تہ هو سنڌي قوم جي تقدير بدلائي ڇڏيندو ان لاءِ هو مرحليوار عملي ڪوشش ٿو وٺي، نوجوان کي همٿ ۽ هوصلي سان جدوجهد ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو ڏس ڏئي ٿو علم جي جوت ۽ لاٽ جي ڳالھ ٿو ڪري، پنهنجي قلم سان انقلاب آڻڻ جو خواهشمند آهي، اهڙي طرح هو هيٺئين مصراعن ۾ چوي ٿو تہ اهو دؤر گذري چڪو آهي جنهن ۾ خواب ڏٺا ويندا هئا ۽ ٻڌايا ويندا هئا پر اڄ جي دؤر ۾ نواڻ آهي، خواب ڏسڻ سان

گڏوگڏ خواب جي تعمير بہ ڪري ڏيکارڻي آهي، جيئن :

اهو زمانو ويو جو شاعر ڏسندا هئا ڪي خالي خواب،
اڄ جا شاعر خواب ڏسن ٿا ۽ ڪن ٿا تعبيرون پيي.
او تنوير جي تنهنجا شعر تہ سنڌ جو ڀاڳ مٽائيندا،
ڪي اهڙيون تحريون آهن جي آهن تقديرون پيي.(10)

هر شاعر وٽ سندس شاعريءَ ۾ مزاحمت جو ڪو نہ ڪو عنصر ضرور ملي ٿو ڪنهن وٽ حقوق جي حصول لاءِ مزاحمت ٿي ملي تہ ڪنهن وٽ جاگير، جائيداد، ٻني زمين جي حصول لاءِ. اهڙي طرح بُک ۽ بيروزگاري، ميرٽ جي لتاڙ خلاف جي مزاحمت جا عنصر اڪثر وجن ٿا. مزاحمت ڪرڻ لاءِ ارادي جو اٽل هئڻ ضروري آهي، جسماني طاقت ۽ قوت رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ارادي ۾ بہ پختگي رکڻ ضروري آهي، تنوير عباسي وٽ بہ ظالم سان مزاحمت جو عنصر ملي ٿو جهڙوڪ :

ٻانهن ۾ ايڏو ٻل رکڻو آهي،
ڪنهن غاصب کي همت ڪين وري ٿئي،
۽ جي ٿئي تہ انهي کي ئي چٽجي،
تا بہ ابد آزاد ٿي رهڻو آهي،
ٻانهن ۾ ايڏو ٻل رکڻو آهي.(11)

ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين زندگي مسلسل محنت جو ٻيو نالو آهي، زندگي جي هر پل ۽ پهلو ۾ محنت جو مظاهرو ضرور ڪرڻو پئي ٿو. معاشري جو هر فرد محنت ڪندي نظر ايندو، جيڪڏهن هو محنت نہ ڪندو تہ کيس شرمساريءَ جو مُنهن ڏسڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن شاگرد پنهنجي پڙهائي ۾ تعليم ۾ محنت نہ ٿو ڪري تہ کيس امتحان ۾ ناڪامي ملندي ۽ اهڙي طرح هو پنهنجي گهر اسڪول ۾ شرمسار ۽ لڄي ٿي پوندو. دنيا ۾ انهن قومن ترقي آهي، جنهن پنهنجي ڪم ۽ پيشي ۾ محنت بلڪ سخت محنت جو مظاهرو ڪيو آهي. شاهہ لطيف سنڌي ٻولي جي شاعرن جو سرتاج شاعر بہ تتي ٿڌي ڪاهڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، هر شاعر وٽ محنت ڪرڻ جو موضوع ضرور ملي ٿو.

تنوير عباسي بہ پنهنجي قوم کي محنت سان ڪم ڪرڻ جي لاءِ چوي

ٿو ۽ سُستي ۽ ڪاهليءَ مان بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هو چوي ٿو تہ :

زندگي جدوجهد اڻٿڪ سفر،
زندگي محنت ڪنهين هاريءَ جو هَر،
بي سبب محنت نہ جنهن جو انت ڪو
زندگي قربانين جو معرڪو
زندگي حيدر جي پيڙا جان عظيم،
ڪهڙي شيءِ آ درد ان جي ڪان عظيم.(12)

ڪامياب قوم اها آهي جيڪا سُجاڳ آهي، حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ غلامي کان وڌ آزاديءَ ۾ وڌيڪ خبردار ۽ هوشيار رهڻو آهي، ڇا ڪاڻ تہ آزاديءَ کي ٻيهر غلامي جو خطرو در پيش هوندو آهي، تنهن ڪري آزاد قوم ان آزادي جي ثمر کي بحال ۽ برقرار رکڻ لاءِ بيداري ۽ سُجاڳيءَ کان ڪم وٺندي آهي، تنوير عباسي بہ پنهنجي ڌرتي واسين کي سدائين بيدار ۽ سُجاڳ رهڻ جي تمام سهڻي نموني تلقين ٿو ڪري تہ :

اڃا بہ جاڳندا رهو،
اڃا بہ جاڳندا رهو.
اڃا تہ رهزنن جي منهن تي رهبريءَ جو آ نقاب،
اڃا تہ دشمنن جي منهن تي دوستيءَ جو آ نقاب،
اڃا بہ جاڳندا رهو.
متان تي پورڙا اوهان پلي پُلي پئو،
متان اوهان جي اک لڳي وڃي اوهان سمهي پئو
اڃا بہ جاڳندا رهو اڃا بہ جاڳندا
اڃا بہ جاڳندا رهو.(13)

ظلم، جهالت ۽ نا انصافي کان معاشرو پاڪ ڪرڻ لاءِ الله تبارڪ و تعاليٰ وقت بوقت انبياء سڳورا موڪليا جنهن اڇي امن و محبت، انصاف ، انساني ڀائپي ۽ رواداري جا سبق سيکاريا. انهن ئي انسانن کي اهڙي غفلت کان بيدار ڪيو. تنوير عباسي بہ پنهنجي شاعري ۾ درد کي سُجاڳي لاءِ معجزو قرار ڏئي ٿو هو چئي ٿو تہ :

درد ئي آهن مسيحا،
"قمر باذنِيِ" چئي اٿاري،
ٿو ڪئي مردار جياري،
درد پيغمبر. انهي جو معجزو آهي سُجاڳي! (14)

تنوير عباسي وٽ جڏهن بيداري ۽ سُجاڳي جي ڳاله سندس سامهون اچي ٿي تہ ڪيس خوشي ۽ فرحت محسوس ٿئي ٿي، سندس دل باغ و بهار ٿي پوي ٿي، ڇا ڪاڻ تہ شاعر تڏهن خوش ٿيندو جڏهن سندس ڏنل پيغام تي عمل ڪيو ويندو آهي، اهڙي قسم جي ڪيفيت جو اظهار تنوير عباسي هن طرح ٿو ڪري تہ :

اڄ تمنائون ٿيون وري بيدار،
يعني دل جي چمن ۾ آئي بهار،
نغمہ انقلاب ڇيڙيندي،
منهنجي دل جي اها شڪستہ تار.(15)

همت ڪرڻ سان ڏونگر ڏري پوندا آهن ، پهاڙ پُرزا ٿي پوندا آهن، درياهن جا رُخ مٽائي سگهبا آهن، پر اِهو تڏهن ممڪن ٿيندو آهي، جڏهن پاڻ پتوڙڻ جو جذبو موجود هوندو آهي. پاڻ پتوڙڻ سان وقت جو واڳون بہ وَرائي سگهبيون آهن. شاعر بہ تہ اهڙي حساس طبيعت جا مالڪ هوندا آهن ، جيڪي پنهنجي قوم جي مجبورين، معذورين، محرومين ۽ مظلومين وغيره کي پنهنجو سمجهي انهن جو حل تلاش ڪندا آهن، تنوير عباسي بہ اهڙين مشڪلاتن جو حل پاڻ پتوڙڻ جو ٿو ٻڌائي، هو چئي ٿو تہ :

پنهنجو پاڻ پتوڙ او قيدي،
پنهنجو پاڻ پتوڙ.
همت آڏو پهڻ مکڻ جيان رجندو رهندو آهي،
همت جو سج چڙهندو رهندو آهي لهندو ناهي،
وقت جون واڳون تنهنجي هٿ ۾ جيئن بہ وٽئي تئين موڙ
جيئن بہ وٽيئي تيئن موڙ او قيدي،
پنهنجو پاڻ پتوڙ. (16)

تنوير عباسي بيداري ۽ سُڄاڳي لاءِ خوابن ۾ به پاڻ ظاهر ٿي اچڻ جو اظهار ڪري ٿو نه رڳو ايترو ٿو چئي ته جيڪڏهن سندس قدر نه به ڪيو وڃي، تڏهن به سندس پيغام، سج وانگر چمڪندڙ ۽ روشن هوندو. انهيءَ تي عمل ڪري، نوجوان پنهنجي منزل کي آسانيءَ سان ماڻي سگهي ٿو.

اوهان جون اکڙيون جي اوجاڳي کان پيون ٻرڪي،
ته ٻنجي رات جو هڪ هلڪو خواب ايندا سين،
اسان جو قدر اوهان پاڻ ئي ڪندؤ آخر،
جي آهيون ذرا ته ٿي آفتاب ايندا سين.(17)

تنوير عباسيءَ جي سموري شاعري سُڄاڳي جو ڏس ڏئي ٿي، سُڄاڳ ٿيڻ سان منزل ماڻي سگهجي ٿي، سُڄاڳ نه ٿيڻ سان اسان ٻي ڪنهن جو نقصان ڪو نه ٿا ڪريون، جي ڪريون ٿا ته پنهنجو نقصان ٿا ڪريون. اکين کي اوجاڳا ڏيڻ سان، محنت ڪرڻ سان، پاڻ پتوڙڻ سان اسان جلدي ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ذريعي فلسفو پنهنجي ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ تمام آسان ۽ سهڻي نموني سمجهائڻ ۽ پيش ڪرڻ جي تمام سهڻي ۽ مثالي ڪوشش ڪئي آهي.

**حوالا :**


1. سومرو، الهوسايو ڊاڪٽر. تنوير ( تحقيقي جرنل)، ايڊيٽر خادم مهر، ڊاڪٽر. مضمون : ڏوري ڏوري ڏيه سفر نامو ( سفر نامو) جو تنقيدي مطالعو. خيرپور، سنڌ : ڊاڪٽر تنوير عباسي انسٽيٽيوٽ آف ڪريئٽو لٽيچر، فيڪلٽي آف آرٽس اينڊ لينگويجز شاه عبداللطيف يونيورسٽي. سال 2017ع،ص،51_ 67.
2. امداد، سحر. ڪينجهر_4. مضمون : تنوير عباسيءَ جي پنهنجي اصل ڏانهن مراجعت. ڄامشورو : سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، سال 1990ع، ص، 162.
3. ملاح، مختيار احمد. سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو. ڪراچي: ڪاٺياواڙ اسٽورز. سال 2006ع، 390.
4. سومرو حزب الله، آءِ. پتائي، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر. مضمون : خوبين ڪاڻ ڊاڪٽر تنوير عباسي. خيرپور ميرس : سنڌي شعبو شاه عبداللطيف يونيورسٽي، سال 2002ع،ص،144_146.
5. خواجه،نور افروز ڊاڪٽر. ( تحقيقي جرنل)، ايڊيٽر خادم مهر، ڊاڪٽر. مضمون : تنوير هڪ لاثاني شاعر. خيرپور، سنڌ : ڊاڪٽر تنوير عباسي انسٽيٽيوٽ آف ڪريئٽو لٽيچر،

فيڪلٽي آف آرٽس اينڊ لينگويجز. شاھ عبداللطيف يونيورسٽي. سال 2017ع,ص,31.
6. شوق, نواز علي, ڊاڪٽر. پنائي 7. ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر, مضمون : جھُڙ جيئن نيڻ جهمن. خيرپور ميرس : سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي. ڊسمبر 2002ع,ص, 17_22.
7. جوڻيجو عبدالجبار, ڊاڪٽر. سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو). حيدرآباد : سنڌي لئنگويج اٿارٽي. سال 2005ع , ص,570.
8. عباسي, تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, يونيورسٽي آف سنڌ. سال 1989ع,ص, 36_37.
9. ساڳيو, ص , 253.
10. ساڳيو, ص , 265.
11. ساڳيو, ص , 269.
12. ساڳيو, ص , 324.
13. ساڳيو, ص ,328.
14. ساڳيو, ص , 440.
15. ساڳيو, ص , 51.
16. ساڳيو, ص , 79.
17. ساڳيو, ص , 135.